

تشبيھ

استعارو

تجنيس

وائي

اصطلاح

اشتقاق

تشبيھ (Simile) ڇا آھي؟

تشبيھ لفظ "شبيھ" مان ورتل آھي جنھن جي معنيٰ آھي صورت يا شڪل. عام طرح سان ڪنھن بہ ھڪ شيءِ جي ٻئي شيءِ سان مشابھت ڏيکارڻ کي تشبيھ چئبو آھي.

مثال: قادر ھاٿيءَ جھڙو قد آور آھي، موسيٰ ڪي شينھن جھڙو جيرو آھي.

مٿئين مثال ۾ قادر کي ھاٿيءَ سان ۽ موسيٰ ڪي شينھن سان تشبيھ ڏني وئي آھي.

اچو تہ سنڌي گرامر سکون . آسان مختصر

استعارو (Metaphor) ڇا آهي؟

استعارو جي لغوي معنيٰ آهي "اُڌارو وٺڻ". استعارو بہ تشبيهہ جي

ڪافي ويجهڙائي ڪان ملندڙ معنيٰ رکي ٿو. استعاري ۽ تشبيهہ ۾

فرق صرف ايترو آهي تہ تشبيهہ ڪنهن سٺي شيءِ سان ڀيٽ ڪرڻ ڪي

ڇئبو آهي. جڏهن تہ استعارو سهڻي شيءِ جهڙو لڳڻ ڪي ڇئبو آهي.

مثال: قادر شينهن آهي، جڏهن تہ موسيٰ گدڙ آهي.

مٿئين مثال ۾ قادر لاءِ شينهن لفظ جي معنيٰ ۽ موسيٰ لاءِ گدڙ لفظ

جي معنيٰ اوڌاري ورتي وئي آهي.

تجنيس يا خطي عرفي ڇا آهي؟

تجنيس حرفي جي معنيٰ ساڳيا لفظ يا هڪ جهڙا اکر. عروضي شاعريءَ جو هي جزو لفظي ڪاريگري جو بهترين گڻ آهي. جنهن سان شعر جي سٽَ يا سڄو شعر هم آوازلفظن سان سينگارجي وڃي ٿو.

اول الله عليم، اعـــــليٰ عالم جو ڌڻي،

قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،

والي واحد وحده رازق رب رحــــــيم،

سو ساراهہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،

ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

وائي ڇا آهي؟

وائي لفظ پراڪرت جي "وايا" ۽ سنسڪرت جي لفظ "وارتا" مان جڙي آهي. ‎ٻنهي جي معنيٰ آهي "ڳالهہ". ڪن محققن ان کي ڪافي بہ سڏيو آهي.

وائي جا بند گهڻو ڪري هڪ مصرع تي مشتمل ٽين ٽا. شاهہ لطيف رحہ ۽ شاهہ عنايت وائي ۾ ڏيڍ مصرح بہ آندي آهي. ٽل ڪان پوءِ جيڪا بہ سٽ اچي ٿي، ان ڪانپوءِ واري آيل اڌ سٽ سڄي وائي ۾ ورجايل هوندي آهي.

اصطلاح ڇا آهي؟

اصطلاح عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي " موافقت يا موزونيت". عام طور تي اصطلاح ان کي چئبو آهي جنهن جي ظاهري پرهڻي هڪ معلوم ٿئي تہ وري سوچ ويچار ڪرڻ سان ٻيو مقصد حاصل ٿئي.

اسان جي سنڌي ٻولي ۾ اهڙي قسم جا تمام گهڻا جملا موجود آهن، جن کي اسان جي وڏڙن، سياڻن، صالحن ۽ درويشن زماني جي آزمودن کي ڏسندي چيا آهن. اصطلاح جي ترڪيب موجب هر حال ۾ اصطلاح جو آخري اکر مصدر يعني جنهن جي آخر ۾ "ڻ" هجڻ ضروري آهي. اصطلاحن جا لفظ پورا هوندا آهن، انهن ۾ گهٽ وڌ ڪرڻ جي گنجائش نہ هوندي آهي.

مثال: اکين تي پردا چڙهڻ . اکيون ٻرڻ

اشتقاق ڇا آهي؟

اشتقاق بنيادي طرح عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "چيرڻ ، ڀڃڻ، ٽڪرا ڪرڻ يا بنيادي ذاتو ڪيڻ" عام اصطلاح ۾ اشتقاق جي معني آهي ڪنهن لفظ جو بُڻ بنياد يا جڙُ ڄاڻڻ لاءِ ان کي چيري ان جي تہ تائين پهچڻ. اسان جي ٻولي عربي ، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جي پيداوار آهي. ان ڪري مختلف ٻولين جا لفظ جڏهن شامل ٿي چڪا آهن تہ انهن کي صاف ڇاڻي علحيده ڪرڻ کي اشتقاق چئبو آهي.

رســـم الخط ◄ رسم : نمونو +ال: جو + خط : لکڻ جي صورت (لکڻ جو نمونو)

همــــــدرد ◄ هم: ساڳيو +درد: تڪليف (ساڳيو درد رکڻ وارو)

ڳالهائڻ جا لفظ ڪيترا هوندا آهن؟

هر ٻولي جا بنيادي اٺ، ڳالهائڻ جا لفظ (Parts of Speech) ٿين ٿا.

اسم ...... ضمير

فعل ...... صفت

ضرف ...... حرف جر

حرف جملو ـــ حرف ندا

گرامر جو مختصر تعارف. سنڌي ادب

ڳالهائڻ جا لفظ (PARTS OF SPEECH)

بنيادي طور تي ڳالهائڻ جا اٺ لفظ آهن.

1.	NOUN	اسم
2.	PRONOUN	ضمير
3.	ADJECTIVE	صفت
4.	VERB	فعل
5.	ADVERB	ظرف
6.	PREPOSITION	حرف جر
7.	CONJUNCTION	حرف جملو
8.	INTERJECTION	حرف ندا

اسم (Noun) ڇا آهي ؟

اسم نالي واري شيءِ کي چيو وڃي ٿو، جيئن ماڻهن جو نالو،
جڳهہ جو نالو، جانور جو نالو يا ڪنهن بہ ساهواري يا بغير
ساهہ واري شيءِ جي نالي کي اسم ڪوٺيو ويندو.

مثال طور: اصغر، ماريہ، مسجد، ڪراچي، اسڪول، ٻڪري وغيره.

اسم (NOUN)

اسم عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "نالو". ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، جاءِ، ڪم، حالت ۽ خاصيت جي نالي کي اسم چئبو آهي.

مثال: اڪبر، ڪرسي، اسڪول، لڪت، اميري، هوشياري وغيره وغيره

اسم جا قسم

1. اسم ذاتي (Abstract noun) . ذات :

اهڙو اسم جنهن کي نہ ڏسي يا وري ڇُهي سگهجي جنهن کي صرف

محسوس ڪري سگهجي تنهن کي اسم ذات چيو ويندو آهي.

مثال طور: بهادري، ڪاراڻ، عقلمندي، سچ، ايمانداري وغيره.

جنهن اندر اسم خاص (Proper Noun) . اهي اسم جيڪي ہين کي نٹا ڏئي سگهجن.

2. اسم صفاتي:

مثال: شاهنواز، زينب، ڪراچي، پاڪستان. ڪينجهر وغيره.

اسم عام (Common Noun) اهي اسم جيڪو ہين کي ڏئي سگهجن ٿا. جيئن:

اسڪول، مسجد، ملڪ، پارڪ، جهنڊو وغيره.

اسم جون حالتون (Cases) :

1. حالت فاعلي (Nominative) :

ڪم ڪندڙن ڪي فاعل، وري انهي حالت اندر پاتل ڪي حالت فاعلي سڏجي ٿو.

ظفر ماني ڪائي ٿو . هي ماني ڪائي ٿو.

مٿين جملن اندر، ظفر . اسم، هو . ضمير. ٻئي فاعل آهن جنهن جي

ڪري حالت فاعلي ٿيندي.

2. حالت مفعولي (Objectice) :

شهناز پاٽي پيتو ـ هن ڪتي ماريو.

مٿين جملي اندر، ڪتو، پاٽي ٻئي مفعول آهن، چاڪاڻ جو ڪم

جو اثر ٿيو آهي انهي ڪري حالت مفعولي اندر رکيا ويندا.

ضمير (PRONOUN)

ضمير معنيٰ "عيوضي". اهڙا لفظ جيڪي اسم
جي بدران ڪم اچن تن کي ضمير چئبو آهي.

مثال: مان، تون، توهان، اوهان، هِن، هُن وغيره.





اچو تہ سنڌي گرامر سکون



SINDHIADABB

1. ضمير خالص - (Personal Pronoun)

اهي ضمير، جيڪي خاص ماڻهن جي بدران ڪم اچن، تن کي "ضمير خالص" چئبو اهي. جنهن جا وري ٽي قسم اهن.

ضمير خالص جا مثال: هي، اهي، توهان، اسان وغيره.





اچو تہ سنڌي گرامر سکون



SINDHIADABB

2. ضمير استفهام - (Interrogative)

اهڙا ضمير، جيڪي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن، تن

کي ”ضمير استفهام“ چئبو آهي. مثال طور: ڇا،

ڇو، ڪو، ڪهڙو، ڪيترو وغيره.



اچو تہ سنڌي گرامر سکون



SINDHIADABB

3. ضمير مشترڪ - (Reflective)

اهي ضمير، جيڪي فاعل يا مفعول سان گڏ اچي، انهن جي جملي ۾ اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏين، تن کي ”ضمير مشترڪ“ چئبو آهي. مثال طور: خود، پاڻ، پنهنجو.

My self, ourselves





اچو تہ سنڌي گرامر سکون

SINDHIADABB

4. ضمير مبهم - (Indefinite Pronoun)

شين جو (general way) سان حوالو ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، هن ۾ واضح نہ هوندو

آهي تہ ضمير ڪهڙي اسم جي بدران ڪم آيو آهي. مثلن، .Someone killed the

snake (ڪنهن هڪ نانگ کي ماريو آهي) هاٿي نانگ کي ڪنهن ماريو خبر نہ آهي.

somebody, anyone, all, somewhere, anywhere, اهڙي طرح

something, nothing اهي سڀ ضمير مبهم آهن.

فعل (VERB)

فعل معنيٰ "ڪم". اهڙا لفظ جيڪي اسم جو، ضمير جو ڪم يا عمل ظاهر ڪن ته ان کي فعل چئبو آهي.

مثال: آيو، ويو، لکيو، پڙهيو، ڪيو، ماريو وغيره.

فعل جا قسم (Types of Verb)

1. فعل اکرترک

2. فعل معاون

3. فعل لازم

4. فعل معتدي

فعل اڪرترڪ

اهڙا فعل جن ۾ فاعل بلڪل نہ هوندا آهن ۽ گهڻو

ڪري حقيقي ۽ قدرتي يا فطرتي فعل هوندا آهن.

مثال: ساهہ ڪڍجي ٿو. خوشبوء اچي ٿي.

ماني ڪارائبي. سياٽي ملبو.

فعل معاون

اهڙا مددي فعل جيڪي هر قسم جي فعل جي مدد ڪن ۽ ان جي غير موجودگيءَ ۾ جملا پنهنجي خصوصيت وڃائي ويهن.

مثال: مون وٽ ڪجھ ڪتاب آهن.

آهن، آهي، هوندا، هونديون، ٿيندو وغيره.

فعل معتدي

هي اهڙا فعل آهن جيڪي ڏيکارين ٿا تہ فاعل ڪم

ڪن ٿا ۽ ان ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي ٿئي ٿو. (هن

۾ فاعل مفعول ۽ فعل چٽا ۽ واضع هوندا آهن)

مثال: مان راند ڪيڏان ٿي.

فعل معتدي جا قسم

الف) متعدي معروف: اهڙا فعل جن ۾ فاعل ۽ مفعول واضع هوندا آهن.

مثال: حنا ڪهاڻي لکي ٿي.

(ب) فعل متعدي مجهول: هن فعل ۾ فاعل لڪيل نہ هوندو آهي ۽ مفعول فاعل جي جاءِ وٺندو آهي.

مثال: انب پٽيا وڃن ٿا.

(ج) متعدي معروف باالواسط: فعل جي هن قسم ۾ فاعل پاڻ ڪم نہ ڪندو آهي پر ٻئي کان ڪرائيندو آهي.

مثال: ارباب گهر ٺهرائي ٿو.

صفت (ADJECTIVE)

صفت معنيٰ سارا هه. اهڙا لفظ جيڪي اسم جو
گڻ ، او گڻ، انداز، مقدار يا رنگ ٻڌائن تن کي
صفت چئبو آهي.

مثال: سٺو، هوشيار، جڏو، چالاڪ، ننڍو، وڏو، اٺ، نؤ،
ڪجهه، گهٽ، وڌ، ٿورو، گهڻو وغيره.

صفت جا درجا

(Degrees of Adjective)

1. صفت خالص

2. صفت تفصيل

3. صفت مبالغو

صفت خالص

اھڙيون صفتون جيڪي صرف "مطلق اسم" جو گڻ، اوَ

گڻ، انداز يا مقدار وغيره ٻڌائين.

(ھن ۾ ڪنھن ٻئي اسم سان ڀيٽ نہ ڏيکاريل ھوندي آھي).

مثال: ھير ھوشيار ڇوڪري آھي. ٿي وي خراب آھي.

صفت تفصيل

هيءَ صفت هڪ اسم يا ضمير جي ٻئي اسم يا ضمير سان

ڀيٽ ٽيڻ ڪرڻ وقت ڪم ايندي آهي.

مثال: دلنواز، راشد ڪان وڌيڪ ڏگهو آهي

شاهد، ميران ڪان هوشيار آهي

صفت مبالغو

هڪ اسم جي ڀيٽ ساڳي جنس جي گهٽين شين سان ڪئي

وڃي تہ ان کي صفت مبالغو چئبو آهي.

مثال: شاهين سڀني ڇوڪرين کان هوشيار آهي.

اسد سڀني ٻارن کان سهڻو آهي